ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# محمد صديق منگيو جي ڪهاڻين ۾ روايت ۽ انفراديت: هڪ اڀياس

# A Study of Uniqueness and Trends in the Short Stories of Muhammad Sidique Mangio


## *Abstract:*

*There are many names in the history of modern Sindhi short stories, by maintaining the standards they have depicted the true social conditions. Muhammad Siddique Mangio has continued his tradition of modern Sindhi Short stories. He has his own specific diction, interesting language and has unique topics and issues through which he highlights the problems of rural and urban Sindh.*

*He is inspiring short story writer where he comes with the high values. He talks about neglected issues and characters of society. He use to writes very simple and easily understandable language which is mostly known to everyone. Muhammad Siddique Mangio is a story writer representing the ignored and neglected class of society. His writings do help to get rid of tyrant system, for his writings are unique in the way all.*

*In this paper his role in traditional history of Sindhi short story would be analyzed with results.*


هن پيپر ۾ جن ٻن عنصرن جو موجوده دؤر جي ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيي جي ڪهاڻين مان اڀياس سڀ کان پهرين انهن جي وضاحت ڪجي ٿي.

**1 روايت:** هن مان مراد جديد سنڌي ڪهاڻي جي فڪري موضوعاتي اها تاريخي روايت جيڪا 1914ع کان لال چند امر ڏنو مل جي ڪهاڻي ”حر مکيءَ جا“کان شروع ٿي. 1930ع ۾ امر لعل هڱوراڻي تائين پهتي اتان کان شيخ اياز، گوبند مالهي، گوبند پنجابي کان ٿيندي جمال ابڙو کان ٿيندي علي بابا، منير احمد ماڻڪ ۽ مشتاق شوري تائين پهتي. جنهن ۾ هر هڪ وٽ انفراديت، موضوع جي نواڻ، سماجي مسئلن ۽ احساسن ۽ واقعن جي چونڊ چاڻ سنڌي سماج جي اوڻاين کان ويندي مختلف اعليٰ سماجي قدرن جي پيشڪش تائين هر اهم ڪهاڻيڪار ان روايت کي پنهنجي ڏاهپ، تاريخي شعور ۽ ادراڪ جي بنياد تي اڳتي وڌايو آهي. موجوده دور جي ڪهاڻيڪارن ۾ محمد صديق منگيو اهم ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي ڪهاڻين جي اڀياس مان ڏسنداسين تہ اهو هن تسلسل ۾ ڪٿي بيٺو آهي.

ٻيو نڪتو انفراديت جو آهي، جيڪو هر تخليق ڪار وٽ هئڻ گهرجي، اها انفراديت رڻابندي ٻولي، موضوعاتي چونڊ کان ويندي اسلوب تائين ظاهر ٿيندي آهي. ڪهاڻين جي اڀياس کان اڳ ڪهاڻيڪار جو مختصر تعارف ڏجي ٿو.

محمد صديق منگيو جي والد جو نالو عبدالرحمان منگيو آهي: سندس جنم 4 جنوري 1956ع ڳوٺ چتن شاھ تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ۾ ٿيو. سندس تعليم ايم اي سنڌي ادب (1986ع) آهي. 1974 کان 1981 تائين ڪراچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استاد (ايس ايل ٽي) ٿي رهيو. لکڻ جي شروعات 1967ع کان روزاني آفتاب حيدرآباد اخبار کان ڪيائين. سندس پهرين ڪهاڻي ”اوپرو“ 1981ع ۾ روزاني هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ شايع ٿي. ڪهاڻيءَ کان علاوه سندس دلچسپي تاريخ سان رهي آهي. مختلف تاريخي ماڳن تي سندس تحقيقي مقالا ۽ مضمون شايع ٿيل آهن. صحافت سان بہ وابستہ رهيو آهي، عوامي آواز عبرت، جاڳو ۽ ٻين اخبارن ۾ بہ ڪالم وغيره لکندو رهيو آهي. 2001ع کان باقاعده ماهوار سوجهرو ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون آهن، سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن: (1) پکين جو وطن (2005 ڪهاڻيون) (2) وجود جا عذاب (2006ع ڪهاڻيون) (3) شهيد جيئو جنگ (2006ع تاريخ) (4) جي هئم هيئين ٽوٽيون (2007ع شخصيت) (5) مٿيءَ جو عشق (2013ع ڪهاڻيون) (6) ڦلواڙي (2014ع پهاڪا) انهن کان علاوه سندس اڻ ڇپيل مواد ۾ بہ ناول هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ڪالم ۽ تاريخ تي مواد موجود آهي. ۽ سندس لکڻ جو سلسلو جاري آهي. هتي سندس ڇپيل ٽن ڪهاڻين جي مجموعي مان ڪجھ ڪهاڻين جو اڀياس ڏئي نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. سندس پهريون مجموعو پکين جو وطن سال 2005ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو سنڌ بڪ ڪلب نوابشاھ پاران شايع ڪيو ويو. هن مجموعي ۾ ڪل 16 ڪهاڻيون شامل آهن، پهرين ڪهاڻي ”پيڙا“ جي نالي سان آهي.

”پيڙا“ ڪهاڻيءَ ۾ جمهوريت جي نالي ۾ سالن کان اذيتون، بک، ڏک ۽ تشدد جو شڪار ٿيندڙ ڪردار آهن. اهي ڪردار دانشور، صحافي يا اديب جي لکڻين لاءِ موضوع جو ڪم ڏين ٿا. جمهوريت ۾ مفاد پرست ٽولي جي خدمت جي لاءِ زبردستي

ڪين ڦاسايو وڃي ٿو. هيءَ ڪهاڻي هتي جيڪي بہ جمهوري حڪومتون جمهوريت جي نالي تي قائم ٿيون آهن، جن جو عوام مارشل لا جي ساهہ سڪائيندڙ دؤر ۾ شدت سان انتظار ڪندو رهيو. جڏهن اها جمهوريت جي ريل آئي تہ ان جيڪو عوام جو حشر ڪيو ان کي ڪهاڻيڪار پيش ڪيو آهي. ڪهاڻي جا ڪردار سماج جا اهي فرد آهن جيڪي نسل در نسل پوڄي رهيا آهن، ۽ ٻيا انهن تي حڪمراني ڪري رهيا آهن. مجموعي جي ٻي ڪهاڻي "جمني" سنڌ جي پورهيت طبقي سان ٿيندڙ ناانصافين جي نمائندگي ڪري ٿي، وڏيري جهان خان ۽ سندس ڪمدار جو پرمار ڪردار آهي. عام طور تي ڪهاڻين ۾ صرف ڪردار جي پوڄنا کي ئي ڏيکاريو ويندو آهي. پر فن يا ادب جو سماجي ڪارج صرف مسئلي جي نشاندهي ڪرڻ نہ آهي، ان کان اڳتي بہ آهي. هن ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار ان کان اڳتي وڌيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاري ٿو تہ هنن جي نئين نسل ۾ پاڻ سان لڳاتار ٿيندڙ زيادتين سبب شعور آيو آهي. باوجود حالتن جي جبر جي هو وڏيري جي غليظ فيصلي ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجو فيصلو ڪن ٿا، جيڪو ڪمدار ۽ ٻين ماڻهن جي لاءِ حيرت جو سبب بڻجي ٿو. "پنهنجو پاڻ بہ وار" ڪهاڻي ۾ مڇرن جي علامتي ڪردار ذريعي سماج جي بدبودار ماحول کي پيش ڪيو ويو آهي، مڇرن لاءِ پيدا ڪيل سازگار حالتن کي پيش ڪيو ويو آهي، صحافي ۽ ڪالم نگار جنهن جي دعويٰ آهي تہ اهو سماج جو هڏ ڏوکي آهي، سماج جي دردن تي لکي ٿو. جنهنڪري سماج ۾ سندس اهميت آهي، اهو هڪ مڇر جي هٿان شڪست کائي ٿو. مڇر سندس ئي رت چوسي سندس لڪٽيءَ کي ريٽو بڻائي ٿو. تڏهن هن ڪالم نگار جو شعور جاڳي ٿو. مڇر جي ڪردار جي چونڊ هڪ اهڙي علامتي ڪردار جي چونڊ آهي جنهن جو ڪم آهي ٻين جو رت پيئڻ جتي بہ جنهن جو ميسر ٿئي. هن قسم جا انساني ڪردار بہ سماج ۾ موجود آهن، جن جو هڪڙو ئي ڪم آهي، ٻين کي ايذائڻ، تڪليف ڏيڻ ۽ رت پيئڻ. جيڪڏهن اهڙن ڪردارن کي حالتون سازگار مليون تہ انهن جو تعداد ائين وڌندو رهندو جيئن هتي هڪ مڇر ۽ سماجي دانشور جو حال بيان ڪيو ويو آهي، جو جيستائين انهن جو پنهنجي وجود تي وار نہ ٿئي تيستائين ان جو ضمير ستل رهي ٿو. اهو جاڳي تڏهن ٿو جڏهن سندس پنهنجي وجود تي وار ٿئي ٿو.

"ٽٽل رشتو" هن مجموعي جي ٽين ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻيءَ جا ڪردار



سماج جا اهڙا فرد آهن جن جو ظاهري ڪوبہ رشتو ناهي، هڪ ٻئي کان پنهنجي پنهنجي ڪم، شعبي، معاشي ۽ سماجي حالتن جي ڪري تمام گهڻو پري آهن. سماج هونئن تہ انسانيت جي رشتي ۾ ڳنڍيل آهي پر ذات پات اميري غريبي ۽ مذهبي فرق سبب اهو رشتو ٽٽل ئي رهي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ذريعي انسانيت واري ٽٽل رشتي کي ڪهاڻيڪار جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪو عام حالتن ۾ ممڪن نہ آهي، پر ڪنهن خاص اهڙي ڏکئي حال ۾ جتي جڏهن هڪ ٻئي سان مجبوري جي حالت ۾ ئي صحيح پر گڏ ويهڻ جو موقعو ملي ٿو. تڏهن هڪٻئي جي اعليٰ گڻن خاصيتن ۽ انسانيت واري اها انس ڏسڻ پرکڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. هڪ انتهائي سخت سردي واري رات جيڪا ٽٽل رشتن کي جوڙي ٿي، ليڪ ان جو منظر هن طرح پيش ڪيو آهي. "ڊسمبر جي جوين وارين ڳاڻ ڳڻين سرد راتين مان هڪ انتهائي سرد رات هئي، سيءُ بہ چوي اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان. اپ تي ڪارا ۽ پورا ڪڪر ائين ڳتيل جو تارن کي ڪتان بہ ليئو پائڻ جو ڳتو نہ پئي ڏنائون. شام کان وٺي وٿيءَ وٿيءَ سان ڪپڙن پساءُ مينهن بہ وسيو پئي. اتر جي ڳنگريل هوا چوٽ پئي لڳي، ٿورڙي آبادي وارو ننڍڙو شهر ٺڏ جي لپيٽ ۾ اچي ڊيپ فريزر وانگر ڄمي برف جو ڳنڍيو بڻجي ويو هو." (منگيو 69:2005)

هيءَ ڪهاڻي سماجي قدرن (Values) کي اپاري ٿي، ڪهاڻي جا ڪردار 2 معذور پنندڙ فقير، هڪ موالي، هڪ ڏهاڙي ڪمائيندڙ پورهيت ۽ هڪ نوجوان محقق آهن. سندن زندگي جي هلندڙ ڪاروهنوار مطابق وڇوٽيون آهن، پر هيءُ سرد رات سيٺي کي هڪ ٻئي جي نہ صرف ويجهو آڻي ٿي بلڪہ اندر ۾ موجود هڪ ٻئي لاءِ محبت همدردي ۽ اعليٰ گڻن کي بہ ظاهر ڪري ٿي سواءِ محقق جي جيڪو پاڻ کي سيٺي کان اتم ۽ ٻين کي حقير سمجهي ٿو. سماجي سطح تي سواءِ محقق جي ٻيا ڪردار نظر انداز ٿيل آهن، ڪير بہ سندن ويجهو وڃڻ يا ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي، ليڪڪ ڪهاڻي اندر سيٺي کي هڪ ئي مصيبت جي ڪري گڏ ويهاريو آهي، پورهيت، موالي، پنندڙ فقير مهل اچڻ تي عام دولتمند طبقي کان وڌيڪ همدردي ڪندي قرباني ڏين ٿا. فقير وٽ شاهہ لطيف جي فڪر ۽ فلسفي جي حقيقي معنيٰ ۽ گهري ڄاڻ آهي جيڪا هن جي ڳالهائڻ ۽ عمل مان ظاهر ٿئي ٿي، ڪهاڻيڪار انسانيت جي ٽٽل رشتي کي جوڙڻ واري قدر کي پيش ڪيو آهي، هر ڪردار قرباني ڏئي ٿو. آخر ۾

جڏهن نوجوان محقق وڃڻ وقت فقير جي هٿ ڪجهہ ڳاڙها نوٽ احسان ۽ همدردي طور ڏيڻ چاهي ٿو ته ان پنندڙ فقير جي ڳڻن کي اجا بہ اپاري انساني قدرن ۽ عظمت کي اوچو ڪيو ويو آهي. فقير ڪلندي نوٽ واپس ڪري چوي ٿو: ”ابا الله ڪندو ول وانگر وڌندي، مولا آباد ڪندئي. مٺا اسين پينو فقير ضرور آهيون، پر بکيا ۽ بي وڙا نہ آهيون. ڏوڪڙن کي تہ ڪتو بہ نٿو کائي، شل سڪ رهجي اچي اسان فقير لاءِ اهو ئي کوڙ آهي.“ (منگيو 2005 :88) ائين اسڪالر جي دل پرجي اچي ٿي ۽ وري فقير کي ڀاڪر ۾ پري وڃي ٿو. سمورو ماحول موسم ۽ ڪردار فطري رنگ ۾ ڏيکاريا ويا آهن. فقير جي ڪردار ۾ سندس لطيف شناسي ۽ طرز عمل متضاد ضرور آهن. ڪهاڻيڪار ان تضاد کي فقيري رنگ ۾ رنگي ڇڏيو آهي. هن وٽ فقيريءَ ۾ بہ سخا، همدردي، چڱو وڙ ۽ اٿاهہ محبت آهي. انسانيت جا اعليٰ قدر ۽ گڻ جن جي هڪبئي جي ويجهو اچڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي، ظاهري محسوسات ۽ سطحي سوچ وڇوٽيون پيدا ڪري ٿي، ڇو تہ: ”انسان ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ڇهڻ جي حس (Senses) وسيلي زندگي ۽ دنيا کي محسوس ڪري ٿو. جڏهن تہ هو حياتياتي طور منتشر آهي، هو محبت ۽ روحانيت کان بہ پري آهي، هن جو مشاهدو ۽ محسوس ڪرڻ جي سگهہ بہ اڻپوري ٿي رهي، سندس حسون (Senses) کيس دوکو ڏين ٿيون. هو واقعن، جذبن يا محبتن کي جيئن پسي ٿو اهو محض سندس نظر جو دوکو آهي. ان ڪري هو غلط فيصلا ڪري ٿو.“ (شبنم گل، 2019 :71)

طبقاتي نظام جي خرابين تي هر ڪهاڻيڪار قلم کنيو آهي. هن طرح مختلف ڪردارن کي يڪجاءِ ڪرڻ ۽ وچولي طبقي جي باشعور ڪردار کي هيٺين طبقي جي ويجهو آڻڻ سندن وڇوٽيون ختم ڪري سماج جي ٽٽل رشتي کي جوڙڻ جو ڪم پهريون ڀيرو هن ڪهاڻي ۾ نظر اچي ٿو. ”پنل اکيون“ ڪهاڻي ليکڪ جي تاريخي شعور کي ظاهر ڪري ٿي. هو سنڌ کي ڪائنات جي عظيم ڌرتيءَ جو خطاب ملڻ جو خواب ڏسي ٿو. عظيم ڌرتيءَ جي لاءِ مقرر ڪيل ماڻ ماپن تي سنڌ ڌرتي تہ پوري لهي ٿي، پر اهو اعزاز سنڌ لاءِ صرف خواب ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن حقيقت ظاهر ٿئي ٿي تہ اکيون پنل ئي رهن ٿيون. ”مارن منجهہ مياس“ ڪهاڻي تاريخي ڪهاڻي آهي، لساني فسادن ۾ سنڌ جي ماڻهن جن دردناڪ ۽ ڀيانڪ حالتن ۽ واقعن کي منهن ڏنو انهن کي پيش ڪيو ويو آهي. هن موضوع تي جمال ابڙي، اياز



قادري ۽ ڊاڪٽر نجم عباسي بہ قلم کنيو آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ غلام نبي مغل جو ناول ”وطن واويلا“ ڇپجي چڪو آهي. هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ نہ صرف انهن واقعن کي پيش ڪيو آهي، بلڪ پڙهيل لکيل وطن دوست آدرشي نوجوان جيڪي انهن حالتن ۾ دربدر ٿيا جڏهن انهن جا گهر ۽ خاندان اجڙيا تہ اهي پاڻ بہ اجڙي ويا. اهڙين حالتن ۾ ڪيترن ئي نام نهاد پنهنجي ديس واسين بہ پنهنجن سان ويساهہ گهاتيون ڪيون. هن ڪهاڻي ۾ انهن سمورن ڪردارن ۽ واقعن کي نهايت ئي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ”مٿيءَ جو قرض“ ڪهاڻي ڳوٺن مان غربت ۽ ڏکين حالتن ۾ پڙهي اعليٰ عهدي تي پهتل اهڙي ڪاموري جي ڪردار ۽ عمل کي پيش ڪري ٿي، جيڪو پنهنجن سمورن رشتن کان ٽٽي چڪو هو. ماءُ پيءُ ۽ ڀين مٽن مائٽن کان منهن موڙي ويهي ٿو شهر جي رنگينين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. وقت کيس پنهنجي منطقي انجام تي پڄائي ٿو پنهنجي سچن رشتن ۽ اصل مٽيءَ کان منهن موڙي جنهن ماحول کي پاڻ لاءِ چونڊيائين اهو ماحول ۽ اهي ڪردار ڪائنس سخت بيزار آهن ۽ سندس مرڻ جو شدت سان انتظار ڪن ٿا. توڙي جو شهر جي تمام وڏي ۽ مهانگي اسپتال ۾ داخل آهي، جتي هر قسم جي سهولت موجود آهي، ان ماحول ۾ سندس ننهن جي ڪيفيت هن طرح آهي: ”آنٽي اسين تہ هاڻي صفا بور پيا ٿيون، ڏاڍو ڊسٽرب ٿي ويا آهيون، ڪراڙو آهي جو نڪو ٿو مري نڪو ٿو منجو ڇڏي“. (منگيو 2005 :120) سندس اولاد جي ڪيفيت هن طرح آهي. ”ممي واقعي بہ هتي ڊيڊيءَ سان گڏ اسين بہ بيمار ٿي پيا آهيون، هونئن بہ مونکي ڊيڊيءَ جي حالت سڌرڻ واري نہ ٿي لڳي، بهتر ٿيندو تہ کيس اسپتال مان ڊسچارج ڪري گهر پيڙو ڪجي.“ (منگيو 2005 :120) هيءَ حالت آهي ان ڪڙڪ ڪاموري جي جنهن جي زندگي جي پڄاڻي ٿي رهي آهي ۽ ان سڪرات جي گهڙيءَ ۾ کيس سڪرات پنهنجا اصل عزيز ۽ ڳوٺاڻا دوست ياد اچن ٿا، جن سان رشتو ٽوڙي چڪو هو. پساهہ پورا ٿيندي کيس ڳوٺ جي قبرستان ۾ دفنائڻ لاءِ آندو وڃي ٿو. قبرستان ۾ دفنائڻ وقت ڳوٺاڻا، مٽ مائٽ، صيفل بابت ڳالهائن ٿا. جيئري ڳوٺ راڄ ڏانهن مڙي بہ نہ نهاريائين، نہ ڪنهن مٽ مائٽ ماءُ پيءُ سميت ڪنهن جي ڪا عزت ڪيائين، سڀني کي ڪائنس شڪايت آهي. ڪهاڻيڪار سندس روح جي رڙين ۽ تڙپ کي ظاهر ڪيو آهي، سماجي ماحول ۾ ڪائنس ايڏي بيزاري کان پوءِ سندس روح رڙيون ڪري ٿو تہ ڇڏيو تہ آءٌ مٽيءَ جو قرض لاهيان، مگر

گھڻي دير ٿي چڪي هئي، روح جون رڙيون ڪير ٻڌندو بہ نہ آهي، ڪيس قبر ۾ لاهي مٽي ورائي وڃي ٿي. ڪهاڻي سنڌ جي هيٺين پورهيت طبقي مان اسرندڙ اهڙن ڪردارن جي عڪاسي ڪري ٿي جيڪي پنهنجي اصل ڳوٺ، واهڻ ۽ پورهيت مائٽن کان منهن موڙي ڇڏين ٿا ۽ آخر ۾ يا تہ رٽائرمينٽ کان پوءِ واپس ورن ٿا يا لاش جي صورت ۾ ٻنهي صورتن ۾ سماج جي لاءِ ڪنهن بہ طرح فائديمند نہ ٿا رهن. هيءَ ڪهاڻي ٻين ڪهاڻين جيان پڙهندڙن تي ڀرپور تاثر ڇڏي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ تاثريت پيدا ڪرڻ بہ هڪ فن آهي، ان بابت اڪبر لغاري لکي ٿو ”جديديت پسندن خارجي واقعن کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ جي بجاءِ انهي ڳالهہ تي زور ڏنو تہ اهو ڏنو وڃي تہ اهي خارجي حالتون ۽ واقعا انسان جي احساسن ۽ نفسيات تي ڪهڙو اثر ڇڏين ٿا يا عام ماڻهو ان جو ڪهڙو اثر ٿو وٺي ۽ جديديت پسندن جا ڪردار ۽ ڪهاڻيون واقعاتي هجڻ کان وڌيڪ احساساتي، داخلي ۽ نفسياتي هوندا آهن“: (لغاري، 2016 :91)

هن مجموعي جي ”امرتا“ ڪهاڻي محبت جماليات ۽ ڪردارن جي هڪٻئي ڏانهن ڪشش کي ظاهر ڪري ٿي، پر محروميون، مجبوريون ۽ ٻي وسي سڀ ڪجھہ لوڙهي ڇڏين ٿيون، اها امرتا نہ ٿا پائن. اهڙي اڻپوري محبت ۽ ڪردارن جي مجبوري ۽ محرومين کي امر جليل پنهنجي مشهور ڪهاڻي ”دل جي دنيا“ ۾ پيش ڪيو آهي، شيخ اياز ”واچ جا ڪانٽا“ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ واچ جا ڪانٽا هڪ ٻئي جي پويان ڊوڙندي نيٺ هڪ ٿين ٿا، پر مجبور انسان پاڻ ۾ نہ ٿا ملن. ”دل جي دنيا“ جا ڪردار خواب ئي ڏسندا رهيا. هن ڪهاڻي جا ڪردار خاص طور تي عورت پيڙهيل ۽ مجبور آهي، هن مجموعي جي ”تماشو“ ڪهاڻي علامتي آهي، گاديءَ واري شهر ۾ هٽرادو تماشن کي جانورن جي علامتي ڪردارن ذريعي پيش ڪيو ويو آهي، هر جانور پنهنجي ڪردار ۽ عمل ذريعي ڄاتل ۽ سڃاتل آهي. هن مجموعي جي ”خفتي“ ڪهاڻي توڙي جو ڪڪڙن جي ويڙهہ جي ڪڌي عمل جي منظر کي پيش ڪري ٿي. پر ان کان بہ ڪڌو عمل وڏيرن، پيرن ۽ مرشدن جو ڏيکاريل آهي. هو غريب جي در تي ڪابہ چڱي شئي ڏسڻ لاءِ تيار نہ آهن، هو جلدي ان کي پنهنجي قبضي هيٺان ڪرڻ چاهين ٿا. موالي رانجهي سان بہ ساڳيو حشر ٿيو، سندس چڱي نسل جي ڪڪڙ لاءِ وڏيرو سندس مرشد کي وٺي اچي نڪتو، موالي پنهنجي پياري شئي سور پيئندي حوالي تہ ڪئي پر اهڙي حال ۾ جو سڀ حيرت ۾ پئجي ويا، ”هو



اونڌيون جوتون ڪري پٽ تي ويهي رهيو. هو سامت ۾ نہ هو، پير زمان سميت سڀ حيرت مان ڪيس ڏسي رهيا هئا. پير ٿڌو ساهہ کنيو ۽ جيئن ڪڪڙ مٿان پيل پوتڙو لاٿو تہ هن سميت سمورن ويٺلن کان وڏي دانهن نڪري وئي، دونهين خاڪي جو ڳاٽو پڳل هو سندس وات مان رت ٽيندڙيون ڪري وهيو پئي“ (منگيو 2005 :175) سنڌي سماج ۾ وڏيرڪي سوچ سياست جي سگهہ ۽ پيري مريدي ۾ عقيدت سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي شخصي آزادي ختم ڪري ڇڏي آهي. هو عام سماج کي پنهنجي استعمال جي شئي سمجهن ٿا هن موضوع تي غلام رباني آگري جي ڪهاڻي ”ٻري هن پنيور“ ۾ اهم آهي غلام رباني جي ڪهاڻي ۾ چڱي نسل جي ڪتي نہ ڏيڻ تان وڏيري سندس گرپ وتي زال سان اجتماعي لڄالٽ ڪرائي، جنهن کان پوءِ ڪردار پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهي ٿو. سراج جي ناول ”تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول“ ۾ وڏيرو ڳوٺ جي خوبصورت نياڻيءَ جي سونهن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. مهتاب محبوب جي ڪهاڻي پوري وچ جو بہ ساڳيوئي موضوع آهي. پيرن، سيدن، وڏيرن ۽ سياستدانن جي گهرن، حويلين، ايوانن ۽ وسيع فارم هائوسز ۾ دنيا جي هر شئي موجود هوندي آهي، غريب اتي صرف انهن جو خادم هوندو آهي، ڪڏهن بہ انهن شين کي حاصل ڪرڻ جي ڪا خواهش نہ ڪندو، پر پورهيت وٽ ڪوبہ خوبصورت وجود انسان هجي، جانور يا پکي ان کي نہ ڇڏيو ويندو، چوري ٿيندي يا سينا زوري ٿيندي. هي ڪهاڻي سماج جي اهڙي حالت جي هڪ تصوير آهي. هن مجموعي جي ڪهاڻي ”پکين جو وطن“ علامتي ڪهاڻي آهي. باز جو جهرڪين، ڳيرن، ڪانون، ڪار ڪڻڇين ۽ ٻين پرامن پکين سان مقابلو آهي، سمورا پکين جا ڪردار علامتي آهن، علامت نگاري منگيي صاحب جي مختلف ڪهاڻين ۾ موجود آهي، هن لاڙي جي شروعات 19 هين صديءَ جي آخري حصي ۾ فرانس کان ٿي، علامت نگاري جا بہ خاص سبب، اصول يا محرڪ نظر اچن ٿا، جن ۾ پهريون تحرير کي سطحي رواجي ٻڌائڻ جي بجاءِ ان ۾ گهرائي ۽ وڌيڪ سوچ فڪر ۽ اثر انگيزي پيدا ڪرڻ آهي، جنهن لاءِ اڪبر لغاري ايڊگر ايلن پو جي وزندار راءِ بيان ڪري ٿو ”ادبي تخليق ۾ معنويت جو سنئون سڌو ابلاغ ادبي تخليق جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري معنيٰ ادبي تخليق جي اندر ائين سمايل هجي جيئن سمنڊ جي سطح جي هيٺيان طوفان لڪل هوندو آهي.“(لغاري، 2016 :87) ان سان گڏ جمالياتي عنصر وڌائڻ ۾

بہ علامتن جو استعمال ڪيو ويجي ٿو.

ٻيو اهم سبب اظهار جي آزادي بہ آهي. شخصي آزادي ۽ بنيادي حقن جو اظهار ڪرڻ لاءِ حالتون اجازت نہ ڏين يا ليکڪ جو تحرير سميت عتاب هيٺ اچڻ جو امڪان آهي، آمريت ۽ نالي ماتر جمهوري حالتن ۾ بہ ليکڪ علامتن جي ذريعي پنهنجو اظهار ڪري ويجي ٿو هي ڪهاڻي بہ علامت جي ذريعي اهم مسئلي/ڳالهہ ۽ فڪر کي پيش ڪري ٿي، قومي ٻڏي يا مظلوم طبقي جو گڏجڻ ظالم ۽ قابض قوتن کان نجات لاءِ هيءَ ڪهاڻي پنهنجو ڀرپور ڪارج ادا ڪري ٿي. ان کان علاوه هن مجموعي جي ڪهاڻي "ويساهہ گهات" نهايت اهم آهي. نياڻين سان سندن گهرن ۾ ٿيندڙ ناانصافين کان ويندي پيرن مرشدن جي گهرن ۾ نئين پرڻيل ڪنوارن سان مرشدن جي نوجوان پٽن طرفان ٿيندڙ زيادتين کي نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ٻين ڪهاڻين جيان هي ڪهاڻي بہ اتساهہ ڏيندڙ تبديلي، بغاوت ۽ اوندهہ ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ راڄ ڀائي جو ڪردار پاڻ کان اڳ قيد ٿيل نياڻيءَ جي تباهہ ٿيندڙ زندگيءَ جو حال ڏسي وقت تي پاڻ بچائي مرشد جي چنبي ۾ اچڻ کان اڳ ئي نڪري وڃي ٿي. ابوجهہ ماڻهن کي صرف معاشي طرح تباهہ ناهي ڪيو ويو بلڪ اخلاقي سماجي ۽ جنسي طور تي کين لٽيو ۽ ڦريو ويو آهي. پيري مريدي جي نالي ۾ دعا ڦيڻي جي بهاني سان حويلين ۾ ڇپ هٽي ويٺل بگهڙن جي ڪردار کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. "فيصلو" "ويساهہ گهات" ۽ "امرتا" ڪهاڻيون عورت جي بنيادي حقن جي لتاڙ ۽ پنهنجي حق جي بچاءَ لاءِ جاکوڙ جو بهترين مثال آهن. ويساهہ گهات ۽ فيصلو ڪهاڻيون خاص طور تي عورت جي همت ۽ بردباري جو بهترين مثال آهن. فڪري سجاڳي جي دؤر ۾ خاص طور تي اهڙين حالتن ۾ جتي عورت لڳاتار ظلم جو شڪار ٿيندي پاڻ کي قرباني ۽ استعمال جي وکر جيان سماج جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي، اتي فيمينزم جو اثر اٽڪر آهي. انهن ڪهاڻين کان علاوه "انين پتي" "ڌرتيءَ جو ڌن" ۽ "جمني" ڪهاڻيون بہ ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، هن مجموعي جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جي اهم مسئلن کي پيش ڪن ٿيون. ليکڪ جو اسلوب ۽ مشاهدو نهايت سگهارو ۽ تيز آهي. ڪٿي ڪٿي ڪردارن جي ٻولي، پنهنجي مزاج، نفسيات ۽ طبقي يا عمر کان نڪري ليکڪ جي نظريي ۽ موقف کي وڌيڪ پيش ڪري ٿي، جيتوڻيڪ اهڙو اظهار تمام گهٽ



ڪهاڻين ۾ آهي، ڪردارن جي وهنوار ۾ ليکڪ دخل اندازي نٿو ڪري سگهي، تنهن هوندي بہ انهن جي مٿان ليکڪ پنهنجو موقف يا نظريو مڙهڻ بجاءِ جيترو فطري آزاديءَ سان پيش ڪندو اوترو ڪهاڻي فني طرح مضبوط ٿيندي پڙهندڙ جي ذهن تي وڌيڪ اثر ڇڏيندي پنهنجو ڪارج ادا ڪندي، ڪهاڻيءَ توڙي ڪردارن مان مصنوعيت ختم ٿيندي ۽ فطري رنگ چٽا ٿي بيهندا.

هن مجموعي کان پوءِ سال 2006ع ۾ "وجود جا عذاب" مجموعو شايع ٿيو. جنهن ۾ سترهن ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جو مهاڳ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار محترم رسول ميمڻ لکيو آهي، روح جو ڪٿا ڪار عنوان سان ڪهاڻيڪار ۽ ڪهاڻين بابت منور سراج بہ پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن.

رسول ميمڻ لکي ٿو تہ: "صديق منگيو بہ اهڙن ڪهاڻيڪار مان هڪ آهي جنهن ماڻهن جا ڏک سور ونڊڻ لاءِ ڪهاڻي لکي ان کي اڳتي وڌايو صديق ڪهاڻي نويسيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي، هن کي پڙهي ائين محسوس ٿئي ٿو جيئن هو جنمن کان لکندو اچي" (ميمڻ، 2006: 16)

هن مجموعي ۾ هيٺيون ڪهاڻيون شامل آهن. "ڏامر تتي جو مسافر" "آيو پهتو" "وجود جا عذاب" "ڪنبندي نيٺ ڪٽار" "مئل احساس جي تربت" "نئين سهڻي" "هڪ اوچڻ بہ جسم" "پيڙهي جي تند" "اونداهي ۾ لاٽ" "نئون سج" "پارس پهڻ" "وانگي" "اونهي ۾ بيٺل بتيلو" صديق وٽ پهرين مجموعي جيان هن ۾ بہ ڪهاڻي جو ادب ۾ ڀرپور ڪارج آهي، جيڪو هو ادا ڪري ٿو. حالتن جي عڪاسي سان گڏ بهتر تبديلي جي اميد ذريعي هو اونداهہ ۾ اميد جو ڏيئو ٻارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. وجود جا عذاب ۾ پهرين ڪهاڻي "ڏامر تتيءَ جو مسافر" غريب ۽ يتيم ٻار جي درد ڪٿا آهي، غريب ٻار پيءُ جي وفات بعد يتيم ٿيڻ کان پوءِ انهن ئي اسڪولن ۾ پورهيو ڪرڻ لڳي ٿو جتي هڪ جيڏن سان گڏ پڙهيو پئي، اڳتي پڙهڻ جي خواهش ڪڏهن بہ پوري نہ ٿي سگهي. "آيو پهتو" ڪهاڻي درياءَ جي نوٽ سڪل پيٽ ۽ ان جي سهاري رهندڙن جي احساسن جي نمائندگي ڪري ٿي، سڪي پيٽ کي وري آباد ڪرڻ لاءِ اتساهہ ڏئي ٿو. آيو پهتو هڪ اهڙو اصطلاح ڪردار ذريعي ادا ڪرائي ٿو جو هن ڏکي مهل تي گڏجڻ واري تاثر کي ظاهر ڪري ٿو. هن ۾ درياءَ جي سوڪهڙي جي سببن ۽ صوبي سان ٿيندڙ زيادتين کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي نالي

واري ڪهاڻي وجود جا عذاب ۾ ڪهاڻيڪار ٻچن جي ماءُ جي وڇوڙي ۽ ان ئي ويل ٻچن ڪي چوڳو ڪارائي هيٺ لهندڙ جهرڪي جي ٻلي جي وات ۾ جهڙپ واري منظر کي هڪ ئي وقت ڳڻ پيش ڪري درد جي تاثر کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي، معصوم ٻچا پکي جا هجن يا انسان ۽ حيوان جا ماءُ انهن لاءِ سڀ ڪجهه آهي، ان جو ڪمهلو وڇوڙو ٻچن جي دربدريءَ هر طرح جي ٺوڪرن ۽ عذاب جو سبب بڻجي ٿو اهڙي طرح هن مجموعي جو ٻيون ڪهاڻيون به ڏيان ڇڪائيندڙ آهن.

سندس ٽيون مجموعو ”متي جو عشق“ نالي سان سال 2013ع ۾ ساهتي ادبي اڪيڊمي نواب شاهه طرفان شايع ٿيو آهي، هن ۾ ڪل ويهه ڪهاڻيون شامل آهن. مجموعي جو مهاڳ مشهور افسانا نگار ۽ ڊرامه نگار شوڪت حسين شوري لکيو آهي، مهاڳ ۾ هو لکي ٿو: ”محمد صديق منگيو سنڌي ٻوليءَ جو اهو وينجهار آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي لفظن جي هيرن ۽ لعلن سان سوڏيو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي سموري خوبصورتيءَ جو عڪس سندس اسلوب ۾ پسي سگهجي ٿو هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڳوٺن، واهڻن، جهرن جهنگن، درياءَ ۽ ان جي ڪنڌيءَ جي ٻيلن، واهن ۽ ٻنين، پوٺن ۽ ٿر جي پٽن جي رهندڙ ماڻهن جي ڏکن سورن، اهنجن ايذائن دردن توڙي ننڍڙين خوشين ۽ محبتن کي سهڻي سيبتي ۽ جڙاءُ دار ٻولي وسيلي بيان ڪيو آهي.(شورو، 2013، ص.13) شوڪت صاحب سندس تيز مشاهدي جي خوبي جو به اعتراف ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ به صديق نه صرف جديد سنڌي ڪهاڻي جي روايت کي برقرار رکيو آهي، بلڪ ٻين مجموعن ۾ شامل ڪهاڻين جيان ڪيترائي اڻ ڇهيل موضوع به کنيا آهن، ڀرپور تاثر ۽ علامت نگاريءَ ذريعي هن مجموعي ۾ هي ڪهاڻيون شامل آهن. پنج دنيا، ويهه آخرت، ”گروي ٿيل خواب“ ”جل پري“ ”رکو روح اڏولتا“ ”ماڻڪ ميءَ پرايو“ ”ڪان ڪفر جي ڪک ۾“ ”سانحو محبت جو“ ”متيءَ جو عشق“ ”چرڪ چنائين“ ”هيڪڙي“ ”گلاب جان“ ”ڏوپار“ ”سونهري ڦرهيءَ تي لکيل دعا“ ”ساجاءِ جلي“ ”ڪال“ ”اجالي جو اوسيئڙو“ ”وڙ“ ”مرڻ جن مشاهدو“ ”ڏکيا ٻئي پار ۽ پلاند“ شامل آهن. هنن ڪهاڻين ۾ سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين جا مسئلا ۽ ڪردار آهن، متي جو عشق ۾ پنج دنيا ويهه آخرت، ڪهاڻي ملڪ جي هڪ مشهور سياسي پارٽيءَ ۾ ڪارڪنن ۽ سندن ونين جي ڏنل قربانين ۽ موت ۾ ساڳي پارٽيءَ جي حڪومتي دؤر ۾ انهن سان ٿيندڙ زيادتين کي پيش ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح



گلاب جان ۾ خوبصورت ۽ عورتن جهڙيون زنانيون ادائون رکندڙ گلاب جي احساسن کي پيش ڪري ٿي، مائٽ به کيس نٽا سمجهن، سماج کيس ڪهڙين نظرن سان ڏسي ٿو ۽ پيدائشي اهڙو انسان ڪهڙين اذيتن کي ڀوڳي ٿو ان کي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، متي جو عشق جديد ڪهاڻي جو بنياد بڻجندڙ ڪهاڻي ”حر مکيءَ جا“ جو تسلسل آهي، جمال ابڙي جي ڪهاڻي ”هو حر هو“ پڻ هن موضوع تي لکيل آهي پير صاحب پاڳاري طرفان هلايل حر تحريڪ جي ڪردارن کي پيش ڪري ٿي، ان کان علاوه هن مجموعي جون ٻيون ڪهاڻيون سماجي مذهبي، معاشي ۽ ٻين موضوعن تي لکيل آهن.

صديق منگيي جو اسلوب نهايت سگهارو آهي، مسئلي/ ڳالهه کي پيش ڪرڻ لاءِ جن ڪردارن، تشبيهن ۽ لفظن جي چونڊ ڪري ٿو اهي نهايت پراثر آهي، هن نه صرف جديد ڪهاڻيءَ جي روايت کي ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌايو آهي، بلڪ ڪيترائي نوان موضوع ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪيا آهن. سنڌي سماج جن مسئلن ۾ گهيريل آهي، ڪهاڻيڪار نه صرف انهن مسئلن کي کنيو آهي، بلڪ اهڙا ڪردار ۽ واقعا پيش ڪيا آهن، جيڪي تمام وڏي اتساهه ۽ حوصلي جو سبب به آهن، پڙهندڙ ۽ سوچيندڙ کي چڱائي، انساني ڀلائي حقيقتن جي ڄاڻ ۽ سچائيءَ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ ڀرپور اتساهه ڏئي ٿو. هن وٽ سماج لاءِ اعليٰ قدر آهن جيڪي ڪردارن ۽ واقعن ذريعي سماج کي آڇي ٿو.

ادب ۽ سماج ۾ قدرن جي اهميت بيان ڪندي جامي چانڊيو لکي ٿو: ”سماج ۾ قدرن جي اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، قدر دراصل ٻن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙا انساني قدر مثال طور محبت، انصاف، برابري، سچ، ماڻهپو احترام، آدميت، صنفي برابري، ڪنهن جو به حق نه کائڻ، ڪنهن کي غلام نه رکڻ، رشتن جي ساڃاهه پر ٻيا هر سماج، گروهه، قوم يا طبقي جا ڪجهه خاص ثقافتي قدر پڻ ٿين ٿا. سماج ۾ هر فرد يا گروهه مادي حالتن سان گڏ ڪجهه قدرن جي بنياد تي پنهنجي شعور سازي ڪري ٿو ۽ اهي قدر هن جي عمل سوچ رويي ۽ ڪردار جو محرڪ پڻ بڻبا آهن“. (چانڊيو 2018 :69) صديق منگيي وٽ وطن دوستي، انسان دوستي جا اعليٰ اخلاقي گڻ موجود آهن، ٽٽندڙ ۽ ڀرندڙ قدرن کي به ڪٽي ٿو. ٻک بدحالي بيروزگاري ۽ ٻيا ٻرندڙ مسئلا به سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن. ممتاز مهر جي هيٺ ڏنل راءِ توڙي جو

1980ع تائين جي ڪهاڻيڪارن لاءِ آهي، پر صديق منگيي جي ڪهاڻين جي اڀياس مان ثابت ٿئي ٿو تہ اها روايت اڃا برقرار آهي. هو لکي ٿو”سنڌ جي مخصوص معاشي، ثقافتي، طبقاتي ۽ سياسي ڍانچي جي پس منظر ۾ بعد ۾ بہ ڪهاڻيون لکيون ويون، ۽ هاڻ بہ لکيون وڃن ٿيون، جيڪي اڳ جي نيٺ پرچاري ڪهاڻين کان وڌيڪ Refined ڪي قدر ادبي معيار رکن ٿيون.“(مهر، ص81)

صديق منگيي جي ڪهاڻين جي اڀياس کان پوءِ هيٺان نتيجا ملن ٿا.

- جديد سنڌي ڪهاڻي جي شاندار روايت ختم ناهي ٿي.
- ڪهاڻيڪار هاڪاري توڙي ناڪاري ڪردارن جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو علامتي انداز ۾ سموري سچ کي وائکو ڪري ٿو، ٻولي ۽ تشبيهہ جي وڌس رواني آهي.
- ڪهاڻي سماجي مسئلي کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. صديق جي ڪهاڻين ۾ خوبصورت ٻولي تشبيهن، رومانيت، درد ۽ حالتن جي سنگينيءَ کي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.
- هن وٽ وچولي جو لهجو ٻهراڙي جي گهرن ۾ ڳالهائيجندڙ ٻولي، اصطلاح ۽ لفظ آهن، جن کي هو ادبي دنيا ۾ ڪٺي آيو آهي.
- معاشي بدحالي جي شڪار ڪردارن ۽ ان جي سببن کي پيش ڪري ٿو اعليٰ انساني قدر سندس ڪهاڻين ۾ موجود آهن. ڌرتيءَ جي مظلوم انسانن جي دردن کي هڪ ڪيس جيان پيش ڪري عوامي شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مشاهدو نہ صرف تيز آهي، بلڪ هو مسئلن ۽ ڪردارن ۾ پاڻ سمائجي وڃي ٿو.
- سماج ۾ نظرانداز ٿيل ڪردارن کي ۽ سندن احساساتي دنيا کي پيش ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو.
- ثابت ڪري ٿو تہ هيٺين مجبور ۽ محڪوم، بيوس ۽ غريب طبقي وٽ جيڪي اعليٰ قدر موجود آهن.
- هن جي ڪهاڻين ۾ تاثريت آهي.
- علامت نگاري ذريعي موضوع ۽ فڪر کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي ٿو.
- سماج جي تبديليءَ، سجاڳي ۽ شعور لاءِ هن ڪهاڻي ذريعي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.



- هن وٽ ادب جو ڀرپور ڪارج آهي.
- موجوده دؤر جي هن اهم ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جي ٻولي، اسلوب رٿابندي، علامت نگاري ۽ ٻين رخن کان مڪمل اڀياس جي اڃا ضرورت آهي.

**حوالا:**


- منگيو محمد صديق.(2005).پکين جو وطن. نواب شاهہ سنڌ: سنڌ بڪ ڪلب.
- گل شبنم. (2019)، لفظن جا ديپ . ڪراچي سنڌ: نئون نياپو اڪيڊمي.
- لغاري اڪبر. (2016)، ادبي تنقيد ۽ تاريخ. سکر سنڌ: ماءِ پبليڪيشن.
- ميمڻ، رسول، .(2006) مهاڳ: وجود جا عذاب. سڪرنڊ سنڌ: صديق منگيو مسيحا پبليڪيشن.
- شورو شوڪت (2013). مهاڳ: مٽيءَ جو عشق. نوابشاهہ سنڌ: ساهتي ادبي اڪيڊمي
- چانڊيو جامي. (2018). ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج حيدرآباد سنڌ: ڪويتا پبليڪيشن.
- مهر ممتاز (1983) ويچار سنڌ ۾ ڪهاڻي جي اوسر، ساهت ڏارا پبليڪيشن ڪراچي.